مثالي ٻاراڻو ڪتاب

پروفيسر رٽائرڊ شيخ محمد فاضل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدر آباد سنڌ

مثالي ٻاراڻو ڪتاب

مصنف
پروفيسر (رٽائرڊ) شيخ محمد فاضل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
1995ع

ٻه اکر

هيءُ هڪ حقيقت آهي ته هرڪنهن ٻوليءَ ۾ پرائمري تعليم وڏي اهميت رکي ٿي، ڇو ته جيڪڏهن پيڙهه پختي نه هوندي، ۽ صحيح نموني رکيل نه هوندي ته اها اڏاوت يا عمارت جلد ئي ڍهي پوندي. اسان جي اها بدقسمتي آهي جو اسان جي پرائمري تعليم تي خاص توجه ڪونه ڏنو ٿو وڃي. هڪ ته نصابي ڪتاب معياري نه آهن، ٻيو وري پڙهائڻ وارا استاد، انهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ڇاڪاڻ ته استاد صاحبن جي علميت ۽ ذميداري واري احساس جي اسان سڀني کي خبر آهي. هزارين اهڙا اسڪول آهن، جتي استاد پابنديءَ سان ڪونه وڃن ٿا. ڪيترا اهڙا استاد آهن، جن کي صحيح نموني پڙهائڻ ڪونه ٿو اچي. انهن مڙني ڳالهين ڪري، اسان جي پرائمري تعليم ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي وڏو ڌڪ رسيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سنڌي ٻوليءَ جي تعليم کي مضبوط ۽ معياري بڻائڻ واسطي ڪي رٿائون تيار ڪيون آهن، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. پروفيسر شيخ محمد فاضل پنهنجي ورهين جي مطالعي ۽ تجربي جي روشني ۾ هيءُ ڪتاب تيار ڪيو آهي، جيڪو اسان هڪ مثالي پرائيمر طور پيش ڪري رهيا آهيون. اميد ته هيءُ ڪتاب پرائمري استادن توڙي شاگردن لاءِ تمام گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيندو ۽ پڙهندڙ شيخ صاحب جي هن ٻورهيي جو قدر ڪندا.

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

سيکاريندڙن کي گذارش:

اٽڪل اڌ صديءَ کان سنڌي ٻوليءَ جي تحريري صورت سيکارڻ وارو "سيکاڻتو نروار" يا ٻاراڻو ڪتاب "هِجي" واري قديمي طريقي بدران "راست طريقي" موجب لکجي رهيو آهي، پر پڙهايو پوءِ به انهيءَ اڳوڻي "تهجي طريقي" سان وڃي ٿو. ويهارو سال اڳ، راست طريقي جي ناڪاميءَ تي ويچاري، مذڪوره ڪتاب جي مُهڙ ۾ "الف - بي" جي تختيءَ "لاڪنائن" يا ڪَڪ جي پَٽي به ڏني ويئي، پر ڪتاب جي تدريسي ترتيب وري به راست طريقي موجب رهي، جنهن ڪري ويتر مونجهارا پيدا ٿيا.

سنڌي لئنگويج اٿارٽي پرائيمري تعليم جي سڌاريءَ واڌاري لاءِ سڄي سنڌ جي برک استادن سان جيڪي گڏجاڻيون ڪيون، تن ۾ استادن طرفان سنڌي پرائيمري جي اوڻاين جي نشاندهي به ڪئي ويئي ۽ ان کي تهجي طريقي تي لکڻ لاءِ مشورا به ڏنا ويا. هونئن به سنڌي ٻولي متحرڪ الآخر زبان هئڻ سبب راست طريقي موجب سيکارڻ نهايت مشڪل آهي؛ ڇو ته هن زبان جو ڪوبه لفظ "يڪ آواز" نه آهي سواءِ "تہ، بہ، نہ، مہ، ۾، ۽" جي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪن ٻين زبانن ۾ جملا به هڪ آواز سان جڙي سگهن ٿا. مثلا اردو زبان ۾ "آ"، "جا"، "لا" وغيره مڪمل جملن جو مطلب ادا ڪري سگهن ٿا؛ انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي، اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اٿارٽيءَ طرفان ٽن مثالي ٻاراڻن ڪتابن لکڻ لاءِ تعليمي ماهرن کي دعوت ڏني، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ سيکارڻ جي جملي تقاضائن کي نظر ۾ رکي، "تهجي طريقي" پٽاندر لکيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ جن ڳالهين تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، تن مان هڪ هيءَ آهي ته "لکڻ جو عمل پڙهڻ سان گڏ سيکارجي"، انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ٻاونجاهہ اکرن مان اڳ ۾ اهي اکر سيکاريا ويا آهن، جي لکڻ ۾ وَڌيڪ سولا آهن. اهوئي سبب آهي، جو "الف" کان پوءِ "ري" ۽ "زي" سيکاريا ويا آهن. ٻي ڳالهہ ته "الف - بي" جي پوري پَٽيءَ پڙهائڻ بدران رڳو ٣٧ آسان اکر چونڊي، انهن جي مدد سان ايڪٽيهہ سبق جوڙيا ويا آهن، انهن سبقن پڙهڻ سان ٻار گهٽي ياڳي لکڻ پڙهڻ سکي ٿا وڃن. ان بعد ٻيا ڏهہ اکر (ث، ح، ذ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ ۽ ق) سيکاري، ڪتاب کي ائيهن سبقن تائين پهچايو ويو آهي، پوءِ باقي رهيل پنج اکر (ڄ، ڙ، ڱ، ڻ ۽ ٥) سيکاريا ويا آهن.

الف - بي سيکارڻ لاءِ روايتي شناختي لفظن کي ڇڏي اهڙا لفظ ڪم آندا ويا آهن، جي اڳتي هلي "ڪَڪ" يا "لاڪنائن" سيکارڻ لاءِ استعمال ڪرڻا آهن. ڪَڪ سيکارڻ جي شروعات اٺويهين سبق جي ٻن مجرد لفظن "رازا" ۽ "واڍا" سان ٿئي ٿي. رازا لفظ جا سمورا اکر پهرين ٻن سبقن جي "الف"، "ري" ۽ "زي" تي مشتمل آهن، تنهن ڪري "ري" جو شناختي لفظ "رازا" مقرر ڪيو ويو آهي. ائين ل، پ، ت، ڳ ۽ و لاءِ لاڏا، پاوا، تارا، ڳانا، واڍا وغيره شناختي لفظن طور استعمال ڪيا ويا آهن. مطلب ته سيکا ڳالهہ ڪنهن رٿا موجب ڪم آندل آهي؛ جا ڳالهہ پڙهائيندڙن تي ازخود واضح ٿي ويندي. اُميد ته سيکاريندڙ هن پورهئي جو قدر ڪندا.

پروفيسر شيخ محمد فاضل

الف-ب

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ

ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ

د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز

س ش ص ض ط ظ ع غ

ف ڦ ق ڪ

ک گ ڳ گھ ڱ ل م

ن ڻ و ھ ء ي

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

سَبَقُ پهرِيون

ا

ا ا ا

ر

ررر

ز

ززز

ا رز

سبق ٽيون

د

د د د

ڌ

ڌ ڌ ڌ

ا ر ز د ڌ

سَبَقُ چوٿون

ڏ

ڏ ڏ ڏ

ڊ

ڊ ڊ ڊ

ڍ

ڍ ڍ ڍ

ا ر ز د ڌ ڏ ڊ ڍ

سَبَقُ پنَجون

ن

ن ن ن

ل

ل ل ل

ا ر ز د ڌ ڏ ڊ ن ل

سَبَقُ ڇَھون

ب

ب ب ب

پ

پ پ پ

ن ل ب پ

سَبَقُ سَتون

پ

پ پ پ

ڀ

ڀ ڀ ڀ

ن ل ب ٻ پ ڀ

سَبَقُ اٺون

ت

ت ت ت

ٺ

ٺ ٺ ٺ

ن ل ب ٻ پ ڀ ت ٺ

سَبَقُ نائون

ٽ

ٽ ٽ ٽ

ٺ

ٺ ٺ ٺ

ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ

سبق ڏهون

ک

ک ک ک

گ

گ گ گ

ڳ

ڳ ڳ ڳ

ت ٿ ٽ ٺ ک گ ڳ

سبق یارهون

س

س س س

ش

ش ش ش

ک گ ڳ س ش

م

م م م

و

و و و

ک گ گ س ش م و

سَبَقُ ٽيرهون

ف

ف ف ف

ڦ

ڦ ڦ ڦ

س ش م و ف ڦ

ڪ

ڪ ڪ ڪ

ي

ي ي ي

س ش م و ف ق ڪ ي

ج

ج ج ج

ڄ

ڄ ڄ ڄ

ف ڦ ک ي ج ڄ

ڇ ڇ ڇ

ف ڦ ک ي ج ڄ چ ڇ

سَبَقُ سَتِرهون

خ

خ خ خ

ھ

ھ ھ ھ

ج ڄ ڃ چ خ ھ

سَبَقُ اَرڙهون

جھ

جھ جھ جھ

گھ

گھ گھ گھ

ھ جھ گھ

رازا

رازا رازا

واڍا

واڍا واڍا

رازا ، واڍا – وارا ، ڍارا

لاڏا

لاڏا ، ڏاڏا - واڍا ، ڏاڍا

ت ارا - تارا

تارا ، وارا ، ڍارا

رازا ، تازا - والا ، تالا

پاوا

پاوا پاوا

گابا

پاوا ، گابا - گابا ، بابا

لاڏا ، ڏاڏا ، پاڏا ، گاڏا

گانا

گانا

آنا

آنا

گانا ، آنا ، نانا

تالا ، نالا

واڍو

رازو

ڪوڪو

واڍو، رازو

واڍو، ڏاڍو، رازو، تازو
لاڏو، ڏاڏو، گاڏو، ڪوڪو، ڏوڪو

ک ي ل و

کيلو

کيلو، ويلو

ڳيرو

کيلو ڳيرو

ڳيرو، پيرو، ڊيرو

بابا کيلو ڏي

کيلا آيا - ڳيرا آيا

کَٽ

کَ ٽ

مَٽ

مَ ٽ

کَٽَ. مَٽَ . وَٽَ . پَٽَ

ٽَپَ. گَپَ . ڪَپَ . لَپَ

پَکَ. گَکَ. ڪَمَ . بَمَ

هَٿَ

هَ ٿَ

نَٿَ

نَ ٿَ

هَٿَ ، نَٿَ ، وَٿَ

هَٿَ، هَڏَ، هَرَ، ٿَرَ

نَڪَ ، ٿَڪَ، يَڪَ

دَرَ

گھَرَ - گھَرَ

خَچَرَخَچَرَ

دَرَ ، گھَرَ، خَچَرَ

چَپَرَ، مَڑَ، پَڑَ

خَبَرَ، پَگھَرَ، پَچَرَ

ڏَاکَ

ڦَارَ

ڏاکَ. باکَ. لاکَ

ڦارَ. تارَ. وارَ

راهَ. واهَ

واهَ واهَ. گابو آيو آهي.

پِتِ

چِتِ

پِتِ ، چِتِ ، تِدِ

چِپ ، وِکَ ، رِدَ - وَچِ ، وَلِ

کارا لاھِ ، وَچِ کاھِ ،

مَتَرچِتِ ، وَلِ نہ پِتِ ،

اُٺُ

ٻُڪُ

اُٺُ ۔ ٻُڪُ

اُٺُ ۔ اُٿُ ۔ اُپُ ۔ پُڄُ

ٻُڪُ ۔ رُڪُ ۔ ڏُڪُ

اُٺُ اَڇي ٿو ۔ ڏاڍو ڀَلو آهي.

سِيٽِي

سِيٽِي

شِيشِي

شِيشِي

سِيٽِي ، شِيشِي ، ٽوپِي ، پوتِي

سِيٽِي وَڄِي ، گاڏِي هَلِي.

شِيشِي مَٿِي رَکُ.

ماسِي مانِي ڏي.

ث

ح

ذ

ص

ض

سَبَقُ ٽيٽِيهون

ط

ظ

ع

غ

ق

ثَمَرُ

ڏَرو

قَلَمُ

ثَمَرُ ، ڏَرو ، قَلَمُ ، سَبَقُ
ميوي کي ثَمَرُ سَڏِبو آهي.
ميوي ڏَرو ڏي.
قَلَمُ وَٺُ ، سَبَقُ لِکُ.

سَبَقُ پَنجِنِيهُون

طوطو

ظالِمُ

غالِيچو

طوطو، ظالِمُ، غالِيچو، ظُلُمُ

طوطو بولي ٿو.

ظالِمُ طوطي جا پَرَ پٽي ٿو.

غالِيچو ڏِسُ، ڏاڍو سُٺو آهي.

صُوفُ

صُوفُ

تُوتَ

تُوتَ

صُوفُ، تُوتَ، بُوٽَ، صاف

مُورِي، تُورِي، ڪَدُو

صُوفَ سُٺا آهن.

تُوتَ مِٺا آهن.

بَدَنُ صافُ رَکُ.

سَبَقُ سَتِٽيهون

حَوضُ

حَوضُ

فَوجَ

فَوجَ

حَوضُ، شَوقُ، فَوجَ، مَوجَ، دَورُ
حَوضُ پرِ، ثَوابُ کٽُ.
شَوقُ رکُ، کِتابَ جو دَورُ کرِ.

مَيزَ

عَ ي ڏ ڪَ

عَينڪَ

مَيزَ، عَينڪَ ، بيتَ ، خَيراتُ
مَيزَ تي عَينڪَ رَکي آهي.
فَقِيرَ کي خَيراتُ ڏي.
شاهَ جا بيتَ يادِ ڪَرِ.

سَبَقُ اُوٹیتالِیھون

ڄَڄَ

ڄَڄَ، ٿَڄُ، پَڄُ، وَڄُ

پَڄُ، ڇَڄُ، ڪَڄُ، اَڄُ

سِڱَ

سِڱَ، لِڱَ، هِڱَ

مَڱَ، مُڱَ، سَڱَرَ

آڱُرِ، اَڱرَ، اَڱارو

جُهڙُ

جُهڙُ، ٿُڙُ، ڳُڙُ، ماڙِي، واڙِي

ڏَڻُ

ڏَڻُ، وَڻُ

ماءُ

ماءُ، ڀاءُ، ڪاءُ، جاءِ، ڳاءِ

پائِڻُ، ڪائِڻُ - طوطو ميوو کائي ٿو.

ڪانءُ

نانگُ

چنڊُ

ڪانءُ ٿانءُ

نانگُ راندِ چَنڊُ اَنبُ ڏنگُ

ڪانءُ جو رَنگُ ڪارو آهي.

نانگُ ڏَنگي ٿو.

گِهنڊُ

ٻُنڍُ

وِڇُون

گِهنڊُ ٻُنڍُ وِڇُون جَمُون

گِهنڊُ وَڄِي ٿو.

ٻُنڍُ ڏِنگو آهي.

وِڇُون ڏَنگُ هَڻي ٿو.

شِينهُن

شِينهُن ڏِينهُن مِينهُن پِينگهَ

مينهِن

مينهِن، ڏينپو
شِينهُن گَجي ٿو.
مينهِن جو کِيرُ پيءُ.

ڪَينچِي

ڪَينچِي بَينچَ

چَونرِي

چَونرِي . ڏَونرو

ڪَينچِي مون کي ڏي.

اسان بينچ تي ويهُون ٿا.

چَونرِي ڏَونري سان پَرِ.

ٿيلهو

سَنهي ڇوڪِري

پوڙهو ماڻهو

سَوير سُمهه

سَبق پَڙهه ، گهوڙي چَڙهه.

سَويرَ سُمهه ، سَويرَ اُٿُ.

پَکِي ۽ پڃِرو

پڃِري ۾ پَکِي

۾ ، ۽

چوکَرُ ۽ چوکِري پَڙهڻَ وَڃَنِ ٿا.

گِلاسَ ۾ پاڻِي آهي.

ڪِلاسَ ۾ گوڙُ نه ڪَجي

واهَ، مان گهِڙو نه تَڪِڙو پَڙِهي ٿو وَڃان.

اَگَرَ بِه سُتا ٿو لِکان.